BankIslami

# اسلامي بينڪاري جو تعارف

# بينڪ اسلامي

سان گڏ

سنڌي ٻوليءِ ۾

I am Saving
Humanity
From Riba

BankIslami

# اسلامي بينڪاري جو تعارف

بينڪ اسلامي

سان گڏ

سنڌي ٻوليءَ ۾

# پيشڪش

شريعہ ڊپارٽمينٽ، بينڪ اسلامي پاڪستان لميٽيڊ

هي ڪتابڙو بينڪ اسلامي جي شريعہ ڊپارٽمينٽ جي طرفان پيش ڪيو پيو وڃي. هن ڪتابڙي جي تياريءَ جو مقصد عوام ۾ اسلامي بينڪاري جي ڄاڻ وڌائڻ آهي. هن ڪتابڙي تي نظرثاني ڪئي وئي آهي، پوءِ بہ جيڪڏهن پڙهندڙن کي ڪا عبارت جي غلطي، حوالي ۾ غلطي ملي تہ ڏنل اي ميل ايڊريس تي اسان کي ضرور اطلاع ڏين تہ اڳيئين ايڊيشن ۾ ان جي تصحيح ڪئي وڃي.

شڪريہ

Deen.connect@bankislami.com.pk

پهريون ايڊيشن: 2021

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

الحمدُ للهِ ربِّ العالمينَ، والصَّلاةُ والسَّلامُ على أشرفِ الأنبيَاء والمُرسلينَ،
وعلى آلهِ وأصحابِه أجمَعينَ، وبعدُ

## پيش لفظ

اسان جو دين اسلام هڪ جامع ۽ مڪمل دين آهي، ان جو مطلب هي آهي تہ اسلام زندگيءَ جي هر شعبي سان متعلق هدايتون ڏنيون آهن. هي هدايتون عبادت سان گڏو گڏ زندگيءَ جي ٻين شعبن سان پڻ متعلق آهن جن ۾ عقيدا، معاملات، معاشرت ۽ اخلاقيات شامل آهن. اسلام جي سيني حڪمن تي عمل ڪرڻ دين جو اهم تقاضو آهي ۽ ان تي عمل ڪري ئي اسين ڪامل مسلمان ٿي سگهون ٿا. زندگيءَ جي اهم شعبن مان هڪ اهم شعبي معيشت ۽ ماليات جي باري ۾ بہ دين جي تعليم وڏي رهنمائي ڏي ٿي. موجوده دور ۾ بينڪاري جي اسلامي متبادل يعني اسلامي بينڪاري ۾ اسلام جي هدايتن کي پورو ڪندي بينڪاريءَ جون خدمتون ڏنيون وڃن ٿيون. عوامي سطح تي اسلامي بينڪاريءَ جي باري ۾ ڄاڻ وڌائڻ جي لاءِ هي ڪتابڙو پيش ڪيو پيو وڃي.

بينڪ اسلامي اسلامي بينڪاري جون خدمتون پيش ڪرڻ وارو هڪ نمايان ادارو آهي. ان جي ڪوشش آهي تہ اسلامي بينڪاري جي عوامي سطح تي ڄاڻ پيدا ٿئي. ان سلسلي جي هڪ ڪاوش اوهان جي خدمت ۾ هي پيش ڪيل ڪتابڙو "اسلامي بينڪاري جو تعارف: بينڪ اسلامي سان گڏ" آهي. هن ڪتابڙي ۾ بينڪ جي عمومي خدمتن جو تعارف، اسلامي بينڪاري جي ضرورت ۽ اهميت، اسلامي بينڪاري ۽ روايتي بينڪاريءَ ۾ فرق، اسلامي بينڪاري جي خدمتن ۽ عام طور پڇيل سوالن جي جوابن جهڙن موضوعن کي آسان زبان ۽ انداز ۾ ٻڌايو ويو آهي.

مون کي اميد آهي تہ هي ڪتابڙو اسلامي بينڪاريءَ جي ابتدائي ڄاڻ جي باري ۾ فائدي مند ثابت ٿيندو. توهان کي گذارش آهي تہ توهان پنهنجين قيمتي تجويزن ۽ مشورن کان اسان کي آگاهہ ڪندا رهندا. توهان جون تجويزون ۽ مشورا هن ڪوشش کي وڌيڪ بهتر بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا ۽ ان جي روشنيءَ ۾ اڳيئن ايڊيشن ۾ بهتري آندي ويندي.

الله تعالي هن ڪاوش کي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول فرمائي، نفع بخش بنائي ۽ هن کي وياج جي خاتمي جو ذريعو بڻائي.

مفتي ارشاد احمد اعجاز
سربراهہ مجلس امور شريعہ
بينڪ اسلامي پاڪستان

# فهرست


**وياج جي ممانعت ۽ اسلامي بينڪاري جي گهرج:** ........ 6

**اسلام، هڪ مڪمل ضابطه حيات:** ........ 6

**مالي معاملن جي اهميت:** ........ 6

**بينڪ:** ........ 7

**بينڪ جي ضرورت ۽ اهميت:** ........ 7

1. مال جي حفاظت: ........ 7

2. سيڙپ / سرمايہ ڪاري: ........ 8

3. صارفين جي مالي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي سهولت: ........ 8

4. ڪاروبار هلائڻ لاءِ مالي ضرورت جو انتظام: ........ 8

**اسلامي بينڪاري جي ضرورت:** ........ 9

وياج (Interest)؛ روايتي بينڪاري جي حرام هئڻ جي وجہ: ........ 9

وياج (Interest) جي حرمت قرآن پاڪ جي آيتن جي روشنيءَ ۾: ........ 10

وياج (Interest) جي حرمت احاديث جي روشنيءَ ۾: ........ 10

**اسلامي بينڪ:** ........ 11

اسلامي بينڪ جون خصوصيتون: ........ 11

اسلامي ۽ روايتي بينڪاريءَ ۾ بنيادي فرق: ........ 11

**اسلامي بينڪاري جو خاڪو (Islamic Banking Model):** ........ 11

1. صارفين کان سرمائي جو حصول (Deposit side): ........ 12

2. صارفين کي تمويل (Asset side): ........ 12

**اسلامي بينڪ ۾ ڊپازٽ جا طريقا:** ........ 13

قرض: ........ 13

مضاربہ: ........ 13

مضاربت جا اصول : ........................................................................ 13

بينڪ جي ڊپازٽرز سان مضاربہ : ............................................................... 13

اسلامي بينڪن ۾ مضاربت جو طريقو: ............................................................14

**اسلامي بينڪاري ۾ تمويل (فائنانسنگ) جا طريقا :** .....................................................14

شراڪت داري : ...........................................................................................14

شرڪت الملڪ جا اصول : ...................................................................... 14

شرڪت العقد جا اصول : ...................................................................... 15

شرڪت متناقصہ (Diminishing Musharakah) : ....................................... 15

شرڪت متناقصہ جو استعمال: ...................................................................... 16

رنِنگ مشارڪہ : ...................................................................................... 16

رنِنگ مشارڪہ جو استعمال: .......................................................................... 16

**ڪرائي داري:** ............................................................................................... 16

اجاره : ............................................................................................... 16

اجاري جا اصول: ......................................................................................... 17

اجاري جو استعمال: ....................................................................................... 17

**خريد ۽ وڪري :** ............................................................................................... 17

1. مرابحہ : ............................................................................................... 17

مساومہ : ............................................................................................... 17

مرابحہ ۽ مساومہ جا اصول: ............................................................................... 17

مرابحہ جو استعمال : ............................................................................................ 18

2. تجاره: ............................................................................................... 18

تجاره جا اصول: ............................................................................................... 18

تجاره جو استعمال: ............................................................................................... 18

3. سلم: .................................................................. 18
سَلم جا اصول: .................................................................. 18
سَلم جو استعمال: .................................................................. 19
4. اِستصناع: .................................................................. 19
اِستصناع جا اصول: .................................................................. 19
اِستصناع جو استعمال: .................................................................. 19
**اسلامي بينڪاري جي حوالي سان ڪيا ويندڙ عام سوال:** .................................................................. 20
ڇا اسلام ۾ بينڪاريءَ جو تصور موجود آهي؟ .................................................................. 20
ڇا اسلامي بينڪ اسٽيٽ بينڪ سان وياجي معاملا ڪري ٿي؟ .................................................................. 21
اسلامي بينڪاري ۽ روايتي بينڪاري بظاهر هڪ جهڙيون لڳن ٿيون. ڇا هي ڪَنَ ڪي ٻي طرف ڪان پڪڙڻ واري ڳالهه نه آهي؟ .................................................................. 20
اسلامي بينڪ به وقت تي ادائگي نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڪسٽمر ڪان خيرات جي صورت ۾ وڌيڪ رقم وٺندي آهي. ڇا هي وياج نه آهي؟ .................................................................. 21
ڇا اسلامي بينڪن لاءِ پنهنجي فنانسنگ ۾ وياجي بينچ مارڪ ڪائبور(KIBOR) **ڪي** استعمال ڪرڻ درست آهي؟ .................................................................. 23
ڇا اسلامي بينڪون واقعتاً شرعي اصولن جي مطابق هلي رهيون آهن. هن شيءِ جي يقين داري ڪئين ٿئي؟ .................................................................. 21
**بحث جو نتيجو:** .................................................................. 23
**اسان جي ذميواري:** .................................................................. 23

## وياج جي ممانعت ۽ اسلامي بينڪاري جي گھرج :

بينڪ بنيادي طور تي هڪ اهڙو ادارو آهي جيڪو مختلف اڪائونٽس جي صورت ۾ ڊپازٽ وصول ڪندو آهي ۽ فئنانسنگ جي صورت ۾ مالي ضرورتون پوريون ڪندو آهي. روايتي بينڪاري جو ڪم قرض جي ڏيتي ليتي جي بنياد تي آهي ۽ ان قرض تي اضافي پئسا وٺي ڪري اها ضرورت پوري ڪئي وڃي ٿي جنهن کي وياج (Interest) چيو ويندو آهي جيڪو شريعت ۾ منع ٿيل آهي.

## اسلام هڪ مڪمل ضابطه حيات :

اسلام جون هدايتون صرف عبادتن تائين محدود نه آهن پر انهن جو تعلق عقيدن، معاملات، معاشرت ۽ اخلاق سميت زندگيءَ جي بين شعبن سان پڻ لاڳاپيل آهن. اسلام جي سڀني اصولن تي عمل ڪرڻ سان ئي اسان هڪ مڪمل مسلمان بڻجي سگھون ٿا. هن ڪتابڙي ۾ اسان اسلام جي انهن هدايتن جو ذڪر ڪنداسين جيڪا بينڪاري ۽ مالي معاملن سان واسطو رکن ٿيون. اسلام مالي معاملن جي درستگيءَ تي وڏو زور ڏنو آهي. ان ڪري هڪ مسلمان هئڻ جي حيثيت سان اسان جي لاءِ اسلامي بينڪنگ ۽ مالي معاملن بابت بنيادي ڄاڻ رکڻ تمام ضروري آهي.

> اسلامي بينڪنگ وياج کان پاڪ بينڪنگ سروسز ڏيڻ لاءِ شروع ڪئي وئي هئي ، اسلامي بينڪنگ ۾ ڊپازٽ جي وصولي ۽ مال جي فراهمي شرعي اصولن جي مطابق ڪئي ويندي آهي ، اهڙي طرح اسلامي بينڪنگ روايتي بينڪنگ جو جائز متبادل آهي.

## مالي معاملن جي اهميت :

هڪ مسلمان هئڻ جي حيثيت سان اسان جي اها ذميواري آهي ته اسان پنهنجي عبادتن سان گڏو گڏ پنهنجي مالي معاملن کي به اسلام جي اصولن مطابق انجام ڏيون. مالي معاملن ۾ غفلت ڪرڻ سان عبادت جي قبوليت تي پڻ خراب اثر پوي ٿو. جيئن ته هڪ حديث ۾ آيو آهي ته جيڪي خيرات حرام مال مان ڏني وڃي اها قبول نه ٿيندي. (سنن النسائي ، حديث نمبر 2526) هڪ بي حديث مطابق ، ان ماڻهوءَ جي دعا قبول نٿي ڪئي وڃي جنهن جو کاڌو پيتو حرام مال مان هجي. (صحيح مسلم ، حديث نمبر 2346) هنن حديثن مان صاف ظاهر آهي ته حلال آمدني به عبادتن جي قبوليت تي اثر رکي ٿي.

هڪ مسلمان لاءِ اصل ڪاميابي آخرت جي ڪاميابي آهي، آخرت ۾ حساب ڪتاب جو خوف ئي هڪ مسلمان کي بين انسانن کان وڏو مقام ڏي ٿو. هڪ حديث مطابق انسان جا قدم قيامت جي ڏينهن ان وقت تائين ڪجهه نه سگهندا جيستائين ان کان پنج سوال نه پڇيا وڃن، هنن پنجن سوالن مان به سوال ڪمائي ۽ خرچ ڪرڻ سان لاڳاپيل آهن ته پئسو ڪٿان ڪمايو ۽ ڪٿي خرچ ڪيو؟ (سنن دارمي حديث نمبر: 556) تنهن ڪري هڪ مسلمان کي دولت ڪمائڻ ۽ خرچ ڪرڻ ۾ احتياط ئي آخرت جي پڪڙ کان بچائي سگهي ٿو.

انهيءَ مقصد لاءِ اسان پنهنجو پاڻ کان سوال ڪريون ته شريعت اسان کان مالي معاملن کي انجام ڏيڻ وقت ڪهڙين شين جو تقاضو ڪري ٿي؟ جيڪڏهن اسان کي ان بابت علم نه آهي ته اچو! هي ڪتابڙو اسان کي سيکاريندو ته مالي معاملن جي متعلق اسلام جي تعليم ڇا آهي؟ اسلامي بينڪون شرعي اصولن مطابق ڪهڙي طرح مالي ضرورتن جو حل پيش ڪن ٿيون؟ هڪ اسلامي بينڪ ڪهڙيون ڪهڙيون مصنوعات (پروڊڪٽ) مهيا ڪندي آهي؟ ۽ ان جو ڇا طريقو آهي؟

مالي معاملن سان متعلق اسلامي تعليم ۽ اسلامي بينڪاري تي ڳالهه ڪرڻ کان پهرين اسين روايتي بينڪ ۽ ان جي ڪمن جو جائزو وٺون ٿا.

## بينڪ :

بينڪ سان اسان جو واسطو مختلف ڪمن جي سلسلي ۾ پوندو آهي جيئن يوٽيلٽي بلن جي ادائگي، ڪنهن کاتي (اڪاونٽ) ۾ چيڪ جمع ڪرائڻ يا چيڪ ڪيش ڪرائڻ وغيره. پر بنيادي طورتي بينڪ هڪ اهڙو ادارو آهي جيڪو مختلف اڪائونٽن جي شڪل ۾ ڊپازٽ وٺندو آهي ۽ فائينانسنگ جي صورت ۾ مالي ضرورتون پوريون ڪندو آهي.

## بينڪ جي ضرورت ۽ اهميت :

اسان بينڪ جي ضرورت ۽ اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهون ٿا ته ان ڏينهن واپار وڌيڪ ٺپ ٿيندو آهي جنهن ڏينهن بينڪون ڪليل هونديون آهن ۽ جنهن ڏينهن بينڪون بند هونديون آهن ته اسان جي مارڪيٽن ۾ ڪاروبار به گهٽجي ويندو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته بينڪ کي معاشي سرگرمين ۾ هڪ اهم مقام حاصل آهي. بينڪ جي وڌيڪ ضرورت ۽ اهميت هيٺين ڳالهين مان پڻ واضح ٿئي ٿي.

### 1.مال جي حفاظت :

اسان گهرن ۾ پئسا رکڻ کي خطرناڪ سمجهندا آهيون ته اهي پئسا چوري ٿي سگهي ٿا، پر جيڪڏهن پئسا بينڪ ۾ هجن ته اسين ان کي محفوظ سمجهندا آهيون. بينڪ ڪرنٽ اڪائونٽ جي سهولت ڏي ٿي، جنهن جي ڪري هڪ طرف پئسن جي حفاظت جو مقصد حاصل ٿئي ٿو ۽ ٻئي طرف اڪاونٽ هولڊرز جڏهن چاهين پئسا استعمال ڪري سگهن ٿا.

### 2.سيڙپ / سرمايہ ڪاري :

اسان مان گهڻائي ماڻهون اهڙا آهن جيڪي آمدنيءَ کي سوچي سمجهي ڪري خرچ ڪندا آهن ته جيئن آمدنيءَ مان ڪجهه رقم بچائي ڪري مستقبل ۾ ان رقم مان ضرورتون پوريون ڪري سگهجن، جيڪڏهن اها بچت گهر ۾ رکجي ته ان رقم تي نفعو به نه ٿو حاصل ٿي سگهي ۽ نه وري افراط زر جي ڪري ان جي قدر ۾ ڪميءَ کان محفوظ رهي سگهجي ٿو ۽ نه وري ان جي چوري ٿيڻ جي خوف کان بچي سگهجي ٿو. ان مقصد جي لاءِ بينڪ سيونگ اڪائونٽس ۽ ٽرم اڪائونٽس جي صورت ۾ بچت کي موثر سرمائي ڪاري ۾ لڳائي (انويسٽ ڪري) مناسب نفعو ڏئي اسان کي سهولت مهيا ڪري ٿي.

### 3.صارفين جي مالي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي سهولت:

اسان مان ڪيترا ئي ماڻهون اهڙا آهن جن کي پنهنجن گهر، گاڏي، ٽريڪٽر يا گهريلو سامان جي خريداريءَ لاءِ مالي ضرورت هوندي آهي. بينڪ گهر، زندگي گذارڻ لاءِ سامان ۽ گاڏي وغيره جي لاءِ رقم جو بندوبست ڪري اسان کي سهولت ڏئي ٿي.

## 4. ڪاروبار هلائڻ لاءِ مالي ضرورت جو انتظام:

ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ٿوري وقت لاءِ جهڙوڪ پنهنجي ملازمن کي پگهار ڏيڻ، يوٽيلٽي بلن کي ادا ڪرڻ لاءِ پئسن جي ضرورت هوندي آهي ۽ وري ڪڏهن وڏي عرصي لاءِ پئسن جي ضرورت هوندي آهي جهڙوڪ جڏهن ڪارخانو لڳائڻو هجي يا ڪا وڏي مشينري خريد ڪرڻي هجي. بينڪ ٻنهي صورتن گهٽ وقتي (شارٽ ٽرم) ۽ گهڻ وقتي (لانگ ٽرم) لاءِ فائنانسنگ جي سهولت مهيا ڪندي آهي.

مٿي ذڪر ڪيل خدمتن (سروسز) سان گڏوگڏ بينڪ ٻيون به ڪيترين ئي خدمتون مهيا ڪري ٿي. هي بينڪ جون اهي خدمتون آهن جيڪي اڄ جي معاشري لاءِ ضروري آهن. جيڪڏهن هنن خدمتن کي پيش ڪرڻ واري اداري کي بينڪ جو نالو نه به ڏنو وڃي تڏهن به هي اهي خدمتون آهن جن لاءِ ڪونه ڪو ادارو يا فرد معاشري ۾ ضرور ڪم ڪندو رهندو آهي، ڇا ڪاڻ ته هي شيون معاشري جون ضرورتون ٿي ويون آهن، جن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن جائز رستي جو هئڻ ضروري آهي.

بينڪ جيڪي خدمتون پيش ڪري ٿي ته هي اهي خدمتون آهن جن لاءِ ڪونه ڪو ادارو يا فرد معاشري ۾ ضرور ڪم ڪندو رهندو آهي، ڇا ڪاڻ ته هي شيون معاشري جون ضرورتون ٿي ويون آهن جن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن جائز رستي جو هئڻ ضروري آهي. انهن خدمتن کي شرعي دائري ۾ فراهم ڪرڻ لاءِ اسلامي بينڪاري پيش ڪئي وئي آهي.

## اسلامي بينڪاري جي ضرورت :

اڳيون سوال هي آهي ته اسلامي بينڪاري جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جڏهن هڪ سسٽم هلي رهيو آهي ته ان کي هلڻ ڏجي، نئين سسٽم جي سفارش ڇو پئي ڪئي وڃي؟ ان ڳالهه کي اسين مٿي واضح ڪري چڪا آهيون ته بينڪاري اڄ جي دور جي ضرورت آهي، پر عام طور تي بينڪاري جي ڪم جو بنياد قرض جي ڏيتي ليتي تي آهي ۽ قرض تي اضافي رقم وٺي ڪري هيءَ ضرورت پوري ڪئي ويندي آهي، جنهن کي وياج (Interest) چيو ويندو آهي. ٻئي طرف جڏهن اسين اسلامي تعليم جو مطالعو ڪريون ٿا ته هيءُ معلوم ٿئي ٿو ته شريعت ۾ قرض تي اضافي رقم جي ڏيتي ليتي کي الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ منع ڪيو آهي، جڏهن ته عام طور تي بينڪن ۾ ڊپازٽ به انهيءَ مشروط اضافي جي بنياد تي ورتو ويندو آهي ۽ بينڪ اڳيان هيءَ رقم ماليات جي فراهمي (فئنانسنگ) به قرض تي اضافي (وياج) جي شرط تي ڏيندي آهي. هاڻي هڪ طرف بينڪاري جون سهولتون معاشري جون ضرورتون آهن، جڏهن ته ٻي طرف انهن ضرورتن کي پوري ڪرڻ جو رستو شرعي طور صحيح نه آهي. ان ڪري اسلامي بينڪاريءَ جي ضرورت آهي جيئن شرعي اصولن جي مطابق بينڪاري جون خدمتون مهيا ڪري سگهجن.

## وياج (Interest)؛ روايتي بينڪاري جي حرام هئڻ جي وجه :

مالي معاملن ڪي وياج (Interest) ڪان پاڪ هئڻ گهرجي. جنهن کي عربي زبان ۾ "ربا" چئبو آهي. لغت ۾ ان جي معنيٰ آهي اضافو ۽ واڌ. اسين جڏهن شريعت ۾ وياج (Interest) جو مطلب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته هڪ روايت ملي ٿي جيڪا حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه ڪان مروي آهي جنهن جا لفظ هي آهن "كُلُّ قَرْضٍ جَرَّ مَنْفَعَةً فَهُوَ رِبًا" (المطالب العاليہ، حديث نمبر 1440) جنهن جو ترجمو آهي "هر اهو قرض جيڪو پاڻ سان گڏ نفعو آڻي (ان تي اضافو ورتو وڃي) ته اهو وياج (Interest) آهي".

هنن لفظن مان معلوم ٿئي ٿو ته هر قسم جي قرض تي ڪنهن به قسم جو اضافو وياج (Interest) هوندو، چاهي اهو قرض ڪاروبار لاءِ ورتو ويو هجي يا ذاتي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ورتو ويو هجي، اهو نفعو چاهي پئسن (زر) جي صورت ۾ هجي يا ٻئي ڪنهن فائدي جي صورت ۾ هجي. وڌيڪ هيءُ ته ان اضافي جو ڪجھ به نالو رکيو وڃي جيئن ته ڪنهن وقت نفعو يا مارڪ اپ چيوويندو آهي، پر ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن معاملي جو بنياد قرض تي آهي ته ان تي طئي ٿيل اضافو وياج (Interest) ئي آهي .

### هڪڙي غلط فهميءَ جو ازالو

اڪثر ماڻهو اهو سمجهندا آهن ته روايتي بئنڪ وٽ پيسا قرض نه آهن بلڪ اهي امانت طور هوندا آهن، ان ڪري قرض نه هئڻ جي ڪري وياج به نه آهي. ان حوالي سان هي ڳالھ ذهن ۾ رکي وڃي ته شرعي نقطي نظر جي حوالي سان اهو قرض ئي آهي، ڇاڪاڻ ته بينڪ ان رقم کي پنهنجي ذميواري سمجهي ٿي ۽ ان کي استعمال به ڪري ٿي، اها قرض جي خصوصيت آهي. امانت کي ته استعمال ڪرڻ جائز ئي نه آهي ۽ امانت جيئن رکائي وڃي ان کي ائين ئي واپس ڪرڻ لازمي آهي. وڌيڪ هي ته امانت جي ضائع ٿيڻ جي صورت ۾ اها واپس ڪرڻ به ضروري نه آهي شرط هي آهي ته ڪا غفلت نه ڪئي وڃي .

## وياج (Interest) جي حرمت قرآن پاڪ جي آيتن جي روشنيءَ ۾ :

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ چئن جڳهن تي وياج (Interest) جو ذڪر ڪيو آهي.

1 سورة البقره، آيت نمبر 275 ڪان 281.
2 سورة آل عمران، آيت نمبر 130.
3 سورة النساء، آيت نمبر 161.
4 سورة الروم، آيت نمبر 39 .

هنن آيتن جي تعليم جو خلاصو هن ريت آهي .

- ظاهري طور وياج (Interest) سان مال وڌندو آهي پر الله تعاليٰ وٽ نه ٿو وڌي .
- ظاهري طور تي وياج (Interest) ۽ تجارت هڪ جهڙا لڳن ٿا پر الله تعاليٰ جي نظر ۾ وياج (Interest) حرام ۽ تجارت حلال آهي.

- الله تعاليٰ وياج (Interest) کي گھٽائي ٿو ۽ صدقات کي وڌائي ٿو.
- جيڪو وياج (Interest) کي نہ ٿو ڇڏي تہ الله تعاليٰ ۽ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي طرفان ان خلاف اعلان جنگ آهي.

## وياج (Interest) جي حرمت احاديث جي روشنيءَ ۾ :

حديثن ۾ وياج (Interest) کي سخت لفظن ۾ منع ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جون برايون پڻ بيان ڪيون ويون آهن. انهن مان ڪجھ هي آهن.

- هڪ حديث جي مطابق رسول الله صلي الله عليہ وسلم وياج کائڻ/ وٺڻ واري تي، وياج ڪارائڻ/ ڏيڻ واري تي، وياج (Interest) تي شاهد ٿيڻ واري تي ۽ وياج واري معاملي کي لکڻ واري تي لعنت فرمائي آهي ۽ هي ارشاد فرمايو آهي تہ هي سڀ گناہ ۾ برابر جا شريڪ آهن. (مسلم، حديث نمبر 1598).
- هڪ ٻي حديث ۾ وياج (Interest) جي برائي هن طرح بيان ڪئي وئي آهي تہ وياج (Interest) جا ستر درجا آهن، سڀ کان گھٽ درجو هي آهي تہ وياج کائڻ وارو ائين آهي جيئن ڪو پنھنجي ماءُ سان زنا ڪري. (سنن ابن ماجہ، حديث نمبر2274).

> وياج تي پابندي ان ڪري لڳائي وئي آهي جاڪاڻ تہ اهو ماڻھن کي حقيقي معاشي سرگرمين کان پري رکي ٿو. جو تہ جڏهن ڪنھن کي خبر آهي تہ پئسي کي قرض/ اوڌر تي لڳائي ڪري پئسا ڪمائي سگھجن ٿا تہ پوءِ اهو شخص حقيقي معاشي سرگرمين جي سختي چو برداشت ڪندو؟ ان سان انساني معاشي مفاد متاثر ٿين ٿا، جن جو تحفظ حقيقي ڪاروبار ڪانسواءِ ممڪن نہ آهي. (امام غزالي رحمت الله عليہ).

جيئن تہ هيءَ ڳالھ واضح آهي تہ روايتي بينڪاريءَ ۾ وياج موجود آهي، جنھن جي ڪري اسلامي بينڪاري ضروري آهي. اڳيئن مرحلي ۾ اسين اسلامي بينڪاري ۽ ان جي طريقي ڪار جو جائزو وٺون ٿا.

## اسلامي بينڪ :

اسلامي بينڪ مان مراد هڪ اهڙو ادارو آهي جيڪو بينڪاريءَ جون خدمتون يعني ڊپازٽ جي وصولي ۽ ماليات جي فراهمي (فائنانسنگ) کي شرعي اصولن جي مطابق انجام ڏيندو آهي.

## وياج (Interest) جي حرمت احاديث جي روشنيءَ ۾ :

اسلامي بينڪ جون هيٺيون خصوصيتون آهن.

- سيئي معاملا شرعي اصولن مطابق انجام ڏي ٿي.
- شرعي اصولن جي مطابق ڊپازٽ جي وصولي ۽ ماليات جي فراهمي (فائنانسنگ) ڪندي آهي.
- بينڪ صرف جائز ڪاروبار لاءِ مالي سهولت ڏيندي آهي.

## اسلامي ۽ روايتي بينڪاريءَ ۾ بنيادي فرق:

اسلامي بينڪاري ۽ روايتي بينڪاري ۾ هيٺيان بنيادي فرق آهن.

| | اسلامي بينڪاري | روايتي بينڪاري |
| --- | --- | --- |
| بنياد | اسلامي بينڪاري جو بنياد شرعي اصولن تي آهي. | روايتي بينڪاري شرعي اصولن جي خلاف آهي |
| ڊپازٽ جا طريقا | اسلامي بينڪ سيونگ ڊپازٽ مضاربت جي بنياد تي وٺندي آهي. | روايتي بينڪون سيونگ ڊپازٽ وياجي قرض جي بنياد تي وٺنديون آهن |
| ڪسٽمر | اسلامي بينڪون انهن ڪسٽمرن سان معاملا نہ ڪنديون آهن جن جو ڪاروبار ۽ آمدنيءَ جو ذريعو صرف حرام تي مشتمل هجي. | روايتي بينڪون انهن ڪسٽمرن سان معاملا بہ ڪنديون آهن جن جو بنيادي ڪم ئي صرف حرام تي مشتمل هجي. |
| فائنانسنگ جا طريقا | اسلامي بينڪن جي فائنانسنگ جا طريقا شرڪت ، خريد ۽ فروخت ۽ ڪرائي داري جي جائز بنياد تي مشتمل آهن. | روايتي بينڪن جي فائنانسنگ جا طريقا وياجي قرض جي ناجائز معاملي تي مشتمل هوندا آهن |
| شرعي نگراني | اسلامي بينڪن جي تمام مالي معاملن جي شرعي نگرانيءَ جو مضبوط نظام آهي. | روايتي بينڪن ۾ شرعي نگرانيءَ جو ڪو بہ نظام نہ آهي. |

## اسلامي بينڪاري جو خاڪو (Islamic Banking Model):

بينڪاري جو ڪم بنيادي طور تي ٻن حصن تي مشتمل هوندو آهي:

1. ڊپازٽ سائيڊ (Deposit side).
2. فائنانسنگ سائيڊ (Asset side).

روايتي بينڪاري

صارفين کان سرمائي جو حصول (Deposit side)

صارفين کي سرمائي جي فراهمي (Asset side)

قرض

قرض

هڪ اسلامي بينڪ انهن ٻنهي حصن کي شرعي اصولن مطابق ڪيئن انجامڏ يندي آهي؟ ان کي ايندڙ حصي ۾ سمجهون ٿا.

## اسلامي بينڪاري

- صارفين کان سرمائي جو حصول (Deposit side)
  - مضاربہ
  - غير سودي قرض
- صارفين کي سرمائي جي فراهمي (Asset side)
  - شراڪت داري (Partnership)
  - ڪرائيداري (Lease)
  - تجارت (Trade)

هيءَ ڳالھ خوب ياد رهي تہ اسلام ۾ قرض صرف غير وياجي هوندو آهي. تنهن ڪري قرض ڪنهن نفعي بخش ڪاروبار جو بنياد نہ ٿو ٿي سگهي ، نفعو ڪمائڻ لاءِ حقيقي ڪاروباري معاهدن جهڙوڪ شرڪت ، واپار، ڪرائي داري ۽ سروسز ڪي استعمال ڪيو وڃي. ۽ اهو شيءِ ئي اسلامي بينڪاري کي روايتي بينڪاري کان ممتاز ڪري ٿي.

### 1. صارفين کان سرمائي جو حصول (Deposit side).

اسلامي بينڪون ڪرنٽ اڪائونٽن ۾ ڊپازٽ غير سودي قرضن جي بنياد تي وصول ڪنديون آهن، جڏهن تہ سيونگ ۽ ٽرم ڊپازٽ جون خدمتون مضاربہ جي بنياد تي انجام ڏينديون آهن، جنهن ۾ بينڪون جائز ڪاروبار ۾ لڳائي نفع حاصل ڪنديون آهن.

### 2. صارفين کي سرمائي جي فراهمي (Asset side).

اسلامي بينڪ ڪلائنٽ (گراهڪ) کي مختلف مالي سهولتون شرعي اصولن جي مطابق ڏي ٿي جن ۾مشارڪہ، مرابحہ، اجارہ، سلم، استصناع وغيره شامل آهن. انهن طريقن جي تفصيل اڳيان ڏجي ٿي.

### اسلامي بينڪ ۾ ڊپازٽ جا طريقا:

#### قرض:

ڪنهن کي پنهنجو پئسو ڏيڻ تہ جيئن هو ان کي استعمال ڪري سگهي ۽ ايترو ئي پئسو بعد ۾ واپس ڪري سگهي.

شريعت ۾ قرض جي ڏيتي ليتي جي اجازت آهي، البتہ ان تي متعين اضافو وٺڻ منع ٿيل آهي ۽ ان کي ئي وياج (Interest) يا ربا چيو ويو آهي جيڪو جائز نہ آهي.

اسلامي بينڪ ۾ ڪرنٽ اڪاؤنٽ عام طور تي قرض جي بنياد تي کوليا ويندا آهن، جو تہ ڪرنٽ اڪاؤنٽ جو مقصد سيڙپ ڪاري (Investment) نہ هوندو آهي، بلڪ رقم کي محفوظ ۽ منظم ڪرڻ هوندو آهي. هن اڪاؤنٽ تي ڪسٽمر کو بہ خطرو نہ ڪٽندو آهي، ان ڪري ان تي ڪو نفعو بہ نہ ڏنو ويندو آهي، پر جمع ڪرايل رقم جي واپسي يقيني بڻائي ويندي آهي.

## مضاربہ:

مضاربت مان مراد اهڙي شرڪت آهي جنهن ۾ هڪ پارٽنر پيسا لڳائيندو آهي ۽ ٻيو پارٽنر ڪم ڪندو آهي ۽ نفعو پهرين طئي ٿيل شرح مطابق تقسيم ٿيندو آهي. پئسا لڳائڻ واري پارٽنر کي رب المال (Investing Partner) چيو ويندو آهي، جڏهن ته ڪم ڪندڙ پارٽنر کي مضارب چئبو آهي. سيونگ اڪاونٽ ۽ ٽرم ڊپازٽ ۾ اسلامي بينڪ مضارب (Working Partner) ۽ ڊپازٽر رب المال (Investing Partner) جي طورتي ڪم ڪندا آهن.

مضاربت جي بنياد تي ورتل سرمائي کي بئنڪ شرعي اصولن جي بنياد تي اڳيان مختلف نفع بخش ڪمن ۾ لڳائيندي آهي. بئنڪ هي سرمايو مختلف تمويلي طريقن (Financing Modes) جهڙوڪ ڪرايہ داري (Rent)، شراڪت داري ۽ (Partnership) خريد و فروخت (Trading) ذريعي منافعو ڪمائي ٿي. بينڪ پنهنجي ساليانی حساب (Annual Statements) ۾ سيڙپڪاري جي موقعن بابت ڊپازٽرس کي ٻڌائي ٿي .

## مضاربت جا اصول:

مضاربت جي معاملي ۾ هينين اصولن جو لحاظ رکڻ ضروري آهي.

- نفع جي شرح مضاربت شروع ڪرڻ وقت طئي ڪرڻ ضروري آهي.
- مضارب (Working Partner) ۽ رب المال (Investing Partner) مان ڪنهن لاءِ بہ نفع جي رقم پهريان ئي مقرر نہ ٿي ڪري سگهجي.
- سيڙپ يعني سرمايہ ڪاري جي شرح سان نفع جي رقم طئي نہ ٿي ٿي سگهي، جيئن هڪ لک روپين جو ڏهہ فيصد نفعو مقرر ڪرڻ جائز نہ آهي.
- مالي نقصان رب المال (Investing Partner) کي برداشت ڪرڻو پوندو، جڏهن تہ مضارب (Working Partner) جي محنت ضائع ٿيندي، البتہ اگر مضارب (Working Partner) جي ڪنهن غفلت جي ڪري ڪو نقصان ٿيو تہ اهو مضارب (Working Partner) ڀريندو .

## بينڪ جو ڊپازٽرز سان مضاربہ:

عام مضاربت ۾عمومي طور تي هڪ پارٽي مضارب (Working Partner) ۽ ٻي پارٽي رب المال (Investing Partner) هوندي آهي، جڏهن تہ بينڪ جي مضاربت ۾ بينڪ مضارب (Working Partner) ۽ ٻي پاسي سيئي ڊپازٽرز رب المال (Investing Partner) هوندا آهن. اهڙي صورت حال ۾ سيني ڊپازٽرز جي سرمايہ ڪاري جو حساب رکڻ ۽ انهن جي وچ ۾ نفعي جي تقسيم هڪ پيچيده عمل ٿي ويندو آهي. ان کي آسان ڪرڻ لاءِ شرعي ماهرن جي رهنمائي حاصل ڪندي هڪ منظم نظام ناهيو ويو آهي.

## اسلامي بينڪن ۾ مضاربت جو طريقو:

اسلامي بينڪن ۾ مضاربت جي مدت هڪ مهينو مقرر ڪئي ويندي آهي، جيڪا مهيني جي پوري ٿيڻ کان پوء قابل تجديد (Renewable) هوندي آهي. اسلامي بينڪن ۾ مضاربہ جي بنياد تي ورتل ڊپاڻ جي مجموعي ڪي پول (Pool) چيو ويندو آهي. اصول مطابق بينڪ ۽ رب المال(Investing Partner) يعني پول جي وچ ۾ نفعي جي ورهاست لاء اوزان (Weightages) جي شرح مهيني جي شروع ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن پهرين مقرر ڪئي ويندي آهي، جنهن جو اعلان بينڪ جي نوٽيس بورڊ ۽ ويب سائٽ ذريعي ڪيو ويندو آهي. اوزان جو مقصد هي هوندو آهي تہ ڊپازٽرز جو پاڻ ۾ سرمائي جي مقدار ۽ ان کي ڪاروبار ۾ لڳائي رکڻ جي عرصي جي اعتبار سان اينڊز فرق ڪي نفعي جي تقسيم ۾ ملحوظ رکڻ آهي، جيڪو نہ صرف ڪاروباري اصول جي مطابق آهي پر انصاف ۽ شريعت جي پڻ عين مطابق آهي.

مهيني جي آخر ۾ پهرين مرحلي ۾ طئي شده نفعو بينڪ ۽ پول جي درميان تقسيم ڪيو ويندو آهي. نفعي جي تقسيم جو اڳين مرحلي ۾ پول ڪي ڏنل نفعي ڪي ڊپازٽرن جي وچ ۾ اوزان (Weightage) جي نظام (Weightage System) جي ذريعي ماهوار اوسط بيلينس (Monthly Average Balance) جي مطابق پهرين کان مقرر ٿيل ويٽيج (Weightage) جي مطابق تقسيم ڪيو ويندو آهي. هي ڪم جديد ڪمپيوٽرائزڊ نظام جي تحت انجام ڏنو ويندو آهي.

مضاربت جي بنياد تي ڊپازٽ تي هڪ متوقع نفعو تہ ٻڌائي سگهجي ٿو پر سرمائي جي نسبت سان نفعي جي تقسيم جي شرح پهريان کان طئي نہ ٿي ڪري سگهجي، بلڪ سرمائي ڪاري جي نتيجي ۾ ٿيڻ واري نفعي جي تقسيم جي شرح مٿي ذڪر ڪيل طريقي جي مطابق طئي ڪئي ويندي آهي. مدت مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ پهريان کان طئي ٿيل نفعي جي جي شرح جي مطابق هر شريڪ نفعي جو حقدار هوندو آهي جيڪو متوقع نفعي کان گهٽ تقسيم يا وڌ ٿي سگهي ٿو.

## اسلامي بينڪاريءَ ۾ تمويل (فائنانسنگ) جا طريقا:

### شراڪت داري:

شراڪت داري جي لاءِ فقہ ۾ شرڪت جو لفظ استعمال ٿئي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي شريڪ ڪرڻ. شرڪت جا ہ قسم آهن:

#### 1- شرڪت الملڪ:

شرڪت الملڪ مان مراد ہ يا ٻن کان وڌيڪ ماڻهن جو ڪنهن اثاثي (سامان) ۾ بغير ڪنهن ڪاروباري مقصد جي شريڪ ٿيڻ، جيئن والد جي ترڪي ۾ سڀن وارثن جو شريڪ ٿيڻ يا ٻن ماڻهن جو ملي ڪري ڪا جائداد خريد ڪرڻ.

#### 2- شرڪت العقد:

شرڪت العقد مان مراد ہ يا ٻن کان وڌيڪ ماڻهن جو ڪاروبار ۾ شريڪ ٿيڻ آهي. شراڪت داري ۾ سڀ شريڪ سرمائي جي شرح جي مطابق نقصان برداشت ڪندا آهن، جڏهن تہ نفعو طئي ڪيل شرح جي مطابق تقسيم ڪندا آهن.

## شرڪت الملڪ جا اصول :

شرڪت الملڪ جا ڪجھ اهم اصول نظر ۾ رکڻ ضروري آهي :

- شرڪاء جي باهمي رِضامندي سان هڪ شريڪ پنهنجو حصو ڪرائي تي ڏئي سگهي ٿو.
- شرڪت الملڪ ۾ شريڪ سڀ ماڻهون پنهنجي حصي جي حساب سان نفعي ۽ نقصان ۾ شريڪ رهندا.

## شرڪت العقد جا اصول :

شرڪت العقد لاءِ هيٺيان اصول نظر ۾ رکڻ ضروري آهن :

- شرڪت جي شروع ٿيڻ وقت نفع جي شرح مقرر ڪرڻ ضروري آهي.
- ڪنهن بہ شريڪ لاءِ پهرين کان طئي ٿيل نفعو نہ ٿو ٿي سگهي. سيڙپ جي شرح سان بہ نفعو طئي نہ ٿو ٿي سگهي، جيئن هڪ لک روپين جو ڏھ فيصد نفعو مقرر ڪرڻ جائز نہ آهي.
- نقصان هميشہ سرمائي جي شرح جي مطابق تقسيم ڪيو ويندو، جيڪڏهن ڪنهن شريڪ جي غفلت جي ڪري ڪو نقصان ٿيو تہ اهو نقصان ان تي وجهي سگهجي ٿو.
- اصولي طور تي هر شريڪ کي ڪاروبار لاءِ ڪم ڪرڻ جو حق حاصل آهي. پاڻ ۾ رضامنديءَ سان ڪنهن بہ شريڪ لاءِ هي طئي ڪري سگهجي ٿو تہ هو ڪم نہ ڪندو، پران صورت ۾ان لاءِ نفعي جي شرح ان جي سرمائي جي شرح کان وڌيڪ نہ ٿي ٿي سگهي.

مشارڪ جي بنياد تي ماليات جي فراهميءَ جا عام طور تي بہ طريقا آهن:

1 **شرڪت متناقصہ** (Diminishing Musharakah) شرڪت الملڪ جي بنياد تي

2 **رننگ مشارڪ** : شرڪت العقد جي بنياد تي

انهن بنهن طريقن جي بنياد تي ماليات جي فراهميءَ جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

## شرڪت متناقصہ (Diminishing Musharakah) :

شرڪت متناقصہ (Diminishing Musharakah) عام طور تي شرڪت الملڪ جي بنياد تي ڪئي ويندي آهي. شرڪت متناقصہ (Diminishing Musharakah) جا ٽي مرحلا آهن:

1 **شرڪت الملڪ:** پهرين مرحلي ۾ بينڪ ۽ ڪسٽمر ملي ڪري اثاثو خريد ڪري ملڪيت قائم ڪندا آهن، جنهن سان ان اثاثي ۾ انهن بنهي جي شرڪت الملڪ قائم ٿي ويندي آهي.

2 **اجاره:** هن معاهدي جي تحت بينڪ اثاثي ۾ پنهنجو حصو ڪسٽمر کي طئي ڪيل ڪرائي جي بدلي ۾ استعمال لاءِ ڏيندي آهي.

3 **حصي جو وڪرو:** ڪسٽمر مرحلي وار ٿورو ٿورو ڪري بينڪ جو حصو خريد ڪندو آهي، جنهن ڪري اثاثي ۾ ڪسٽمر جي ملڪيت وڌندي ويندي آهي، جڏهن ته بينڪ جي ملڪيت گهٽجندي رهندي آهي. آخرڪار ڪسٽمر اثاثي جو مڪمل مالڪ ٿي ويندو آهي.

## شرڪت متناقصه جو استعمال :

اسلامي بينڪن ۾ عام طور تي گهرن جي فائنانسنگ شرڪت متناقصه جي بنياد تي ٿيندي آهي. شرڪت متناقصه طويل مدتي فنانسنگ جي لاءِ عام استعمال جو طريقو آهي.

## رنِنگ مشارڪ :

مشارڪ جي بنياد تي ماليات جي فراهمي جو ٻيو طريقو رن نِگ مشارڪ آهي. هيءَ روايتي بينڪاري جي رنِنگ فائنانسنگ جو جائز بدل آهي. رنِنگ مشارڪ شرڪت العقد جي بنياد تي ڪيو ويندو آهي.

رنِنگ مشارڪ جي تحت بينڪ ڪسٽمر جي ڪاروبار ۾ شرڪت ڪندي آهي. رنِنگ مشارڪ جون هيٺيون خصوصيتون آهن:

- بينڪ ڪسٽمر جي ڪاروباري سرگرمين ۾ شريڪ ٿيندي آهي.
- ڪسٽمر جيترا پئسا بينڪ کان وٺندو آهي اها بينڪ جي سرمائي ڪاري سمجهي ويندي آهي.
- ڪسٽمر جيڪي پئسا واپس ڪندو آهي اهي بينڪ جي سرمائي ڪاري ۾ گهٽتائي سمجهي ويندي آهي.
- نفعي جي تقسيم جي شرح سرمائي ڪاري جي شرح جي مطابق هوندي آهي.
- جانچ ڪيل اڪاؤنٽ (Audited Accounts) جي اچڻ کان پوءِ حتمي نفع جي تقسيم ڪئي ويندي آهي.
- نقصان سرمائي ڪاري جي شرح جي مطابق برداشت ڪيو ويندو آهي.

## رنِنگ مشارڪ جو استعمال:

اسلامي بينڪن ۾ ڪمپنين ڪي فئنانسنگ جي هڪ طريقي طور رنِنگ مشارڪ جواستعمال ٿيندو آهي.

## ڪرائي داري :

## اجاره :

اجاري جو مطلب آهي ڪرائي داري يعني ڪو اثاثو ڪرائي جي بدلي ۾ استعمال لاءِ ڏيڻ. ڪرائي داري ۾ ڪرائي تي ڏيڻ وارو ان اثاثي جو مالڪ رهندو آهي، جڏهن ته ڪرائي دار ان اثاثي ڪي استعمال ڪندو آهي. مالڪ ملڪيت سان متعلق خطرا (Risks) ۽ خرچ برداشت ڪندو آهي، جڏهن ته استعمال سان متعلق خرچ ڪرائي دار برداشت ڪندو آهي.

## اجاري جا اصول:

اجاري جو معاملو ڪرڻ لاءِ هينيان اصول نظر ۾ رکڻ ضروري آهن:

- اجاري جو معاملو صرف انهن اثاثن لاءِ ٿي سگهي ٿو جيڪي قابل استعمال (Useable assets) هجن. اهڙيون شيون جيڪي استعمال ڪرڻ سان ختم ٿيندڙ (Consumable Assets) هجن جهڙوڪ پيٽرول يا گئس انهن جو اجارو نه ٿو ٿي سگهي.
- اجاري جو معاهدو ڪرڻ وقت اجاري تي ڏنل اثاثي جون مڪمل صفتون معلوم هئڻ گهرجن.
- ڪرايو ۽ مدت پاڻ ۾ گڏيل رضامنديءَ سان مقرر ڪئي وڃي.
- پوري مدت ۾ مختلف ڪرايا به مقرر ڪري سگهجن ٿا، پر انهن جو معلوم هئڻ ضروري آهي.
- ملڪيت سان تعلق رکندڙ خطرا (Risks) ۽ خرچ مالڪ جي ذمي هوندا آهن.
- استعمال سان تعلق رکندڙ خرچ ڪرائي دار برداشت ڪندو آهي.

## اجاري جو استعمال:

اسلامي بينڪن ۾ عام طور تي گاڏي، مشينري، پلانٽ وغيره جي فائنانسنگ اجاري جي بنياد تي ٿيندي آهي. اجارو وڏي مدت جي فائنانسنگ جي لاءِ هڪ عام استعمال جو طريقو آهي.

## خريد ۽ وڪري :

خريد ۽ فروخت جي بنياد تي ماليات جي فراهميءَ جا چار طريقا عام طورتي اسلامي بينڪن ۾ رائج آهن:

## 1. مرابحه :

مرابحه خاص قسم جي وڪري جو معاملو آهي، جنهن ۾ سامان وڪرو ڪندڙ شخص ان سامان جي لاڳت به ٻڌائيندو آهي.

## مساومه :

مساومه عام وڪري جو معاملو آهي جنهن ۾ سامان وڪرو ڪندڙ شخص ان سامان جي صرف قيمت ٻڌائيندو آهي، ان تي اچڻ وارو خرچ ۽ ڪمائڻ وارو نفعو نه ٻڌائيندو آهي.

## مرابحه ۽ مساومه جا اصول :

مرابحه يا مساومه ڪرڻ لاءِ هينيان اصول نظر ۾ رکڻ ضروري آهن:

- معاملي جي وقت اثاثو/ سامان موجود هجي ۽ وڪرو ڪندڙ جي ملڪيت ۽ ان جي حقيقي يا حڪمي قبضي ۾ هجي.
- قيمت جي ادائگي پاڻ ۾ رضامندي سان پهرين، اوڌر، نقد يا قسطن تي ٿي سگهي ٿي.

## مرابحه جو استعمال:

مرابحه جي بنياد تي فئنانسنگ ان صورت ۾ ڪئي ويندي آهي جڏهن بينڪ جي گراهڪ (Client) کي پنهنجي ڪاروبار لاءِ نئين خريداري جي ضرورت هجي، پلي اهو ڪچو مال هجي يا تيار مال.

## 2. تجاره :

ڪسٽمر کي ماليات جي فراهميءَ لاءِ هڪ ٻيو طريقو اسلامي بينڪون هن طرح ڪنديون آهن ته جيڪڏهن ڪسٽمر وٽ وڪري لاءِ تيار مال موجود آهي ته اهو مال بازاري قيمت کان ڪجهه گهٽ قيمت تي نقد ادائگي ڪري بينڪ خريد ڪندي آهي، پوءِ اهو مال وڪيل جي ذريعي مارڪيٽ ۾ ڪپرائي نفعو ڪمائينديون آهن. هن طريقي کي اسلامي بينڪن ۾ تجاره چيو ويندو آهي.

## تجاره جا اصول:

تجاره ڪرڻ لاءِ هيٺيان اهم اصول نظر ۾ رکڻ ضروري آهن:

- خريد ۽ وڪري جي وقت اثاثو موجود ۽ نشاندهي ٿيل هجي ۽ وڪرو ڪندڙ جي ملڪيت ۾ هجي.
- خريد ۽ وڪري جي وقت اثاثو وڪندڙ جي حقيقي يا حڪمي قبضي ۾ هجي.

## تجاره جو استعمال :

تجاره جي بنياد تي فائنانسنگ ان صورت ۾ ڪئي ويندي آهي جڏهن بينڪ جي ڪسٽمر کي پنهنجي ڪاروبار جي جاري اخراجات (Running Expenses) لاءِ فائنانسنگ جي ضرورت هجي ۽ هن وٽ وڪري لاءِ تيار مال موجود هجي.

## 3. سَلم:

سَلم مان مراد اهڙو وڪرو آهي جنهن ۾ مڪمل قيمت شروع ۾ ئي ادا ڪئي ويندي آهي، جڏهن ته سامان بعد ۾ ڏنو ويندو آهي. هي معاملو ڪجهه شرطن سان جائز آهي جيتوڻيڪ وڪري جون بنيادي شرطون ته وڪرو ٿيندڙ اثاثو وڪرو ڪندڙ جي ملڪيت ۽ قبضي ۾ هجي، هن معاملي ۾ موجود نه هونديون آهن علماء ڪرام حديثن جي روشنيءَ ۾ هن معاملي کي عمومي اصولن کان مستثنيٰ قرار ڏئي جائز فرمايو آهي.

## سَلم جا اصول:

سَلم ڪرڻ لاءِ هيٺيان اصول نظر ۾ رکڻ ضروري آهن:

- صِرف مال مثلي (يعني اهي شيون جن جا جزا پاڻ ۾ ساڳيا هجن جهڙوڪ ڪڻڪ، چانور ۽ ڪرنسي وغيره) کي ئي سَلم جي بنياد تي خريد ۽ فروخت ڪري سگهجي ٿو.
- خريد ۽ وڪرو ڪرڻ وقت سامان جون مڪمل صفتون جهڙوڪ جنس، نوع، مقدار ۽ قيمت وغيره اهڙيءَ طرح طئي ڪيون وڃن ته ڪو ابهام باقي نه رهي.
- معاملو ڪرڻ جي وقت ئي سامان ڏيڻ جي تاريخ ۽ جڳهه بہ طئي ڪرڻ لازم آهي.

## سَلم جو استعمال :

سَلم جي بنياد تي فائنانسنگ ان صورت ۾ ڪئي ويندي آهي جڏهن بينڪ جي ڪسٽمر کي پنهنجي ڪاروبار جي جاري اخراجات (Running Expenses) لاءِ فائنانسنگ جي ضرورت هجي ۽ اهو اهڙيون شيون مستقبل ۾ بينڪ کي مهيا ڪرڻ جي قابل هجي جن کي سَلم جي بنياد تي وڪرو ڪري سگهجي.

## 4-اِستصناع :

اِستصناع مان مراد اهڙو وڪرو آهي جنهن ۾ خريدار اهڙو اثاثو خريد ڪري رهيو هوندو آهي جنهن کي ناهڻ ۽ تيار ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي. عام طور تي خريدار آرڊر ڏيندو آهي جنهن جي مطابق وڪرو ڪندڙ اثاثو تيار ڪري حوالي ڪندو آهي. قيمت جي ادائگي پهرين نقد، اوڌر يا قسطن ۾ تي سگهي ٿي. اِستصناع ۾ سامان بعد ۾ ڏنو ويندو آهي. هي معاملو ڪجھ شرطن سان جائز آهي جيتوڻيڪ وڪري جون بنيادي شرطون، ته وڪامجندڙ اثاثو وڪرو ڪندڙ جي ملڪيت ۽ قبضي ۾ هجي، موجود نه هونديون آهن. ان ڪري علماء ڪرام مختلف دليلن جي روشنيءَ ۾ هن تجارت کي عمومي اصول کان مستثنيٰ قرار ڏنو آهي.

## اِستصناع جا اصول :

اِستصناع ڪرڻ لاءِ هيٺيان اصول نظر ۾ رکڻ ضروري آهن:

- معاملو ڪرڻ وقت اثاثي جون مڪمل صفتون ان طرح طئي ڪيون وڃن ته ڪو به ابهام باقي نه رهي.
- اثاثو جيڪڏهن مقرر ڪيل صفتن مطابق نه آهي ته خريدار ان کي واپس ڪري سگهي ٿو.
- قيمت ۽ ان جي ادائگي جا ضابطا طئي ڪيا وڃن.
- اثاثو ناهڻ لاءِ وڪرو ڪندڙ خريدار جو خام مال استعمال نه ڪري.

## اِستصناع جو استعمال:

اِستصناع جي بنياد تي فائنانسنگ ان صورت ۾ ڪئي ويندي آهي جڏهن بينڪ جي ڪسٽمر کي پنهنجي ڪاروبار جي جاري اخراجات (Running Expenses) لاءِ فائنانسنگ جي ضرورت هجي ۽ اهو اهڙيون شيون مستقبل ۾ بينڪ کي مهيا ڪرڻ جي قابل هجي جن کي اِستصناع جي بنياد تي وڪرو ڪري سگهجي.

## اسلامي بينڪاري جي حوالي سان ڪيا ويندڙ عام سوال

### ڇا اسلام ۾ بينڪاريءَ جو تصور موجود آهي؟

جي بالڪل، جيڪڏهن بينڪون اسلامي طريقي جي مطابق بچتون وصول ڪن ۽ اهي بچتون نفعو حاصل ڪرڻ لاءِ اڳيان اسلامي اصولن جي مطابق ڪاروباري مقصدن ۾ لڳائين ۽ ان جو نالو بينڪ رکن ته اهڙي بينڪ جو تصور بالڪل اسلام ۾ موجود آهي. ها جيڪڏهن وياج (Interest) جي بنياد تي پئسي جي ڏيتي ليتي ڪئي وڃي ته اهڙي بينڪاريءَ جو تصور اسلام ۾ بالڪل نه آهي. اسلام جي شروعاتي زماني ۾ مشهور صحابي حضرت زبير بن عوام رضي الله تعالي عنه جو مثال اسان جي سامهون آهي ته ماڻهون انهن تي ڀروسو رکڻ جي ڪري پئسا سندن وٽ امانت طور رکڻ چاهيندا هئا ته پاڻ رضي الله تعالي عنه ان رقم کي امانت جي بنياد تي رکڻ کان منع فرمائيندا هئا البته بطور قرض ان رقم کي رکڻ منظور ڪندا هئا ۽ هو هن پئسي کي اڳيان واپار ۾ لڳائيندا هئا. حضرت زبير رضي الله تعالي عنه جو رقم کي رکڻ ۽ انهي کي اڳيان واپار ۾ لڳائڻ جو انداز ۽ طريقو موجوده بينڪن سان ڪافي ملندڙ جلندڙ آهي (سود پر تاريخي فيصله، مفتي محمد تقي عثماني، ص 68)

### ڇا اسلامي بينڪ اسٽيٽ بينڪ سان وياجي معاملا ڪري ٿي؟

نه، اسٽيٽ بينڪ جي حيثيت بينڪن جي نگران اداري جهڙي آهي. اسٽيٽ بينڪ جا اسلامي بينڪن سان ٻن قسمن جا تعلق هوندا آهن. هڪ نگران اداري جي حيثيت سان اسٽيٽ بينڪ پاران جاري ڪيل هدايتون عام طور تي انتظامي نوعيت جون هونديون آهن، جيئن ڪسٽمر سروس کي معياري بنائڻ جي هدايت وغيره. ٻئي قسم جو تعلق ڪاروباري ڏيتي ليتي جو آهي ته اهو به اسلامي بينڪون شرعي اصولن مطابق انجام ڏينديون آهن، جنهن ۾ انهن جي وچ ۾ ڪو به وياجي معاملو نه هوندو آهي.

### اسلامي بينڪاري ۽ روايتي بينڪاري بظاهر هڪ جهڙيون لڳن ٿيون. ڇا هي ڪانَ کي ٻي طرف کان پڪڙڻ واري ڳالهه نه آهي؟

نه بالڪل نه، شريعت ۾ ڪن به ٻن شين جو نتيجو هڪ جهڙو هئڻ سان هيءَ ڳالهه ضروري نه ٿي ٿئي ته ٻنهي جو حڪم به ساڳيو هجي. اسين روزمره جي معاملات مان ان جو مثال ڏسي سگهون ٿا، جهڙوڪ هڪ جانور الله تعالىٰ جي نالي تي ذبح ڪيو وڃي ٿو ۽ ٻيو جانور غير الله جي نالي تي ذبح ڪيو وڃي ٿو. هاڻي بظاهر ٻنهي ۾ ڪو فرق نه آهي ڇو ته ٻئي ذبح ٿي ويا، پر هڪ حلال ۽ ٻيو حرام هوندو، ڇو ته طريقه ڪار الڳ الڳ آهي. انهيءَ طرح هي چوڻ به درست نه آهي ته جيترو نفعو روايتي بينڪون ڪمائين ٿيون ايترو ئي اسلامي بينڪون ڪمائين ٿيون ان لاءِ ٻنهي ۾ ڪو به فرق نه آهي جيئن اگر هڪ ماڻهون حلال مشروب وڪڻي رهيو هجي ۽ ٻيو شراب وڪڻي رهيو هجي ۽ ٻنهي جو نفعو برابر هجي ته صرف نفعو هڪ جيترو هئڻ جي ڪري هڪ حلال ڪم ڪرڻ واري جي آمدني حرام قرار نه ٿي ڏئي سگهجي. ساڳي طرح جيڪڏهن هڪ انسان بکيو هجي ته هن جي سامهون ٻه رستا آهن يا ته محنت مزدوري ڪري مال ڪمائي يا چوري ڪري مال حاصل ڪري ۽ پنهنجي بک مٽائي. آخري

نتيجو بک جو مٽجڻ آهي پر هڪ کي جائز ۽ ٻي کي ناجائز قرار ڏنو ويندو. اهڙيءَ طرح صرف نتيجو ڏسي ڪري فيصلو نہ ٿو ڪري سگهجي بلڪ پوري معاملي جي حقيقت ۽ ان جي شرطن کي سمجهڻ ضروري آهي ۽ هي ڏسڻ ضروري آهي تہ نتيجا ڪهڙي طريقي (Process) سان حاصل ڪيا ويا؟ هي اهي شيون آهن جيڪي ڪنهن معاملي جي حلال ۽ حرام هئڻ جو تعين ڪنديون آهن.

## اسلامي بينڪ بہ وقت تي ادائگي نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ڪسٽمر کان خيرات جي صورت ۾ وڏيڪ رقم وٺندي آهي. ڇا هي وياج نہ آهي؟

روايتي بينڪ پنهنجي ڪسٽمر کان جيڪا اضافي رقم وٺندي آهي اها رقم بينڪ جي نفعي جو حصو هوندي آهي ۽ اها رقم قرض ۾ اضافي جي ڪري شرعا وياج ٿي آهي، جڏهن تہ اسلامي بينڪ جيڪا رقم وصول ڪندي آهي اها ڪسٽمر جي هڪ واعدي جي ڪري وٺندي آهي جنهن ۾ ڪسٽمر هن ڳالهہ جي پابندي ڪندو آهي تہ جيڪڏهن هن وقت تي ادائگي نہ ڪئي تہ اسلامي بينڪ جي مطالبي تي هو ايتري رقم جي مقدار خيراتي مد ۾ ڏيندو ۽ هيءَ رقم بينڪ جي آمدنيءَ جو حصو نہ هوندي آهي، پر اسلامي بينڪ ان رقم کي خيراتي مقصدن کي انجام ڏيڻ لاءِ وصول ڪندي آهي. هي ڪسٽمر کي پنهنجا واجبات وقت تي ادا ڪرڻ جو پابند ڪرڻ لاء هڪ ذريعو آهي ۽ شرعاً هي درست آهي. ان جي وڌيڪ تفصيل تہ بينڪ خيرات جي ڪيتري رقم جمع ڪئي ۽ ڪٿي ڪٿي لڳائي؟ بينڪ هيءَ ڳالهہ پنهنجي ساليانی حساب ۾ شائع ڪندي آهي.

## ڇا اسلامي بينڪن لاءِ پنهنجي فئنانسنگ ۾ وياجي بينچ مارڪ، ڪائبور(KIBOR) کي استعمال ڪرڻ درست آهي؟

جيئن سوال ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ هي هڪ بينچ مارڪ (معيار) آهي. بينچ مارڪ جو مطلب آهي مارڪيٽ ريٽ جيئن صرافہ مارڪيٽ ۾ سون جو هڪ ريٽ مقرر هوندو آهي جنهن تي پوري مارڪيٽ سون وڪرو ڪندي آهي. اهڙي طرح فئنانشل مارڪيٽ ۾ ڪهڙي شرح تي فنانس ڪجي؟ ڪائبور اصل ۾ ان مارڪيٽ جو ريٽ آهي جنهن جو اعلان اسٽيٽ بينڪ جي طرفان روزانو ڪيو ويندو آهي. اهو ريٽ پاڻ وياج نہ آهي. اهو ريٽ قرض تي ٻڌل هجي تہ وياج آهي پر جيڪڏهن هڪ شيءِ خريد ڪئي وڃي ۽ ان تي منافعي جو بنياد ڪائبور کي بنايو وڃي تہ اهو وياج نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هتي سامان جي قيمت وصول ڪئي پئي وڃي. انهي کي هڪ مثال سان سمجهون ٿا، جيڪڏهن ڪنهن بازار ۾ حرام گوشت جو دڪان هجي، جنهن جو مالڪ پنهنجو مال ڏهہ سيڪڙو نفعي تي وڪڻندو هجي، جڏهن تہ وڪڻجندڙ شيءِ حرام آهي تہ آمدني بہ حرام هوندي، پر جيڪڏهن حلال گوشت جو دڪاندار بازار تي نظر رکي ڪري ڏهہ سيڪڙو نفعي تي پنهنجو گوشت وڪرو ڪري ٿو تہ ان جي آمدنيءَ کي حرام نہ ٿو چئي سگهجي تہ ڇاڪاڻ تہ اهو بہ ڏهہ سيڪڙو منافعو ڪمائي رهيو آهي، حالانڪ هن جو مال حلال آهي. اهڙي طرح اسلامي بينڪون يا تہ شيون وڪرو ڪري رهيون هونديون آهن يا اثاثو ڪرائي تي ڏئي رهيون هونديون آهن. انهيءَ صورت ۾ ڪائبور کي قيمت طئي ڪرڻ ۾ مدنظر رکڻ يا ڪرايو مقرر ڪرڻ ۾ ان کي نظر ۾ رکڻ سان ڪرايو يا قيمت حرام نہ ٿيندي.

## ڇا اسلامي بينڪون واقعي شرعي اصولن جي حساب سان هلي رهيون آهن. هن ڳالهه جي يقين داري ڪيئن ٿئي؟

هن سوال جي جواب لاءِ اسلامي بينڪن جي شرعي نگراني جي نظام کي سمجهڻ ضروري آهي، شرعي نگراني جو نظام هيٺين عنصرن تي مشتمل آهي:




1. **بينڪ جو شرعي بورڊ:** هر اسلامي بينڪ لاءِ مستند مفتيان ڪرام تي مشتمل هڪ شرعي بورڊ ناهڻ لازمي آهي. شريعه بورڊ جي ذميواري بينڪ جي سطح تي بينڪنگ جي پراڊڪٽس سان لاڳاپيل پاليسين کي منظوري ڏيڻ آهي.

2. **شعبہ شريعه ڪمپلائنس:** شعبہ شريعه ڪمپلائنس جو قيام پڻ هر اسلامي بئنڪ لاءِ لازمي آهي، جنهن جي حيثيت شريعه بورڊ جي معاون جي آهي، جنهن لاءِ هي بينڪ جي سيني دستاويزن، قاعدن ۽ ضابطن جو جائزو وني ٿو. شريعه ڪمپلائنس ڊپارٽمينٽ بين ڊپارٽمينٽس ۽ برانچن جي سرگرمين جو پڻ شرعي جائزو وٺندو آهي تہ جيئن ان ڳالهه کي يقيني بڻائي سگهجي تہ شريعه بورڊ جون هدايتون مڪمل طور تي نافذ ٿي رهيون آهن.

3. **انٽرنل شريعه آڊٽ** : انٽرنل (داخلي) آڊٽ کان علاوه انٽرنل شريعه آڊٽ پڻ لازمي آهي. انٽرنل شريعه آڊٽ يونٽ شرعي حوالي سان بينڪ جي مختلف ڪمن جي آڊٽ ڪري ٿو.

4. **ايڪسٽرنل شريعه آڊٽ** : هر اسلامي بينڪ لاءِ خارجي شريعه آڊٽ پڻ لازمي آهي، جنهن ۾ قومي سطح جو آڊٽ فرم بينڪ جي ڪمن جي شرعي حوالي سان آڊٽ ڪندو آهي.

5. **شريعه ايڊوئزري ڪميٽي، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان:** هيءَ ڪميٽي اسلامي بينڪنگ سان متعلق پاليسي سازي بابت شرعي رهنمائي فراهم ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي وئي آهي. اسٽيٽ بينڪ جو اسلامڪ بينڪنگ ڊپارٽمينٽ هن ڪميٽي جي هدايتن جي روشنيءَ ۾ اسلامڪ بينڪنگ لاءِ پاليسيون ناهيندو آهي.

6. **اسلامڪ بينڪنگ ڊپارٽمينٽ، اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان:** اسلامي بينڪن جي نگراني ۽ اسلامي بينڪن جي پاليسي مرتب ڪرڻ لاء هي ادارو اسٽيٽ بينڪ ۾ 2003ء ۾ قائم ڪيو ويو. هي ادارو اسلامي بينڪن لاء منصوبہ بندي، هدايتون جاري ڪرڻ، اسلامي بينڪن جي مصنوعات جي منظوري ۽ اسلامڪ بينڪنگ انڊسٽري جي معلومات ڪي پڌ جاري ڪري ٿو.

7. **انسپيڪشن ٽيم، اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان:** اسٽيٽ بينڪ جي طرفان اسلامي بينڪن جي انسپيڪشن ٿيندي آهي جنهن ۾ هي چيڪ ڪيو ويندو آهي ته هڪ اسلامي بينڪ، اسٽيٽ بينڪ جي اسلامڪ بينڪنگ ڊپارٽمينٽ، بينڪ جي شرعي بورڊ طرفان جاري ڪيل شرعي هدايتن جي پابندي ڪري رهي آهي يا نہ؟

هي ستن عنصرن تي مشتمل اهو مضبوط ۽ مربوط نظام هن وقت پاڪستان جي سيني اسلامي بينڪن ۾ موجود آهي. الحمد الله هن ۾ مسلسل بهتري اچي رهي آهي.

## بحث جو نتيجو:

1. ان ڪري اهو ظاهر ٿيو تہ اسلامي بئنڪاري ۽ روايتي بئنڪاري جي وچ ۾ واضح فرق آهي.
2. ڪجھ اعتراض صرف اڻ واقفيت جي ڪري هوندا آهن.
3. نفعي سان گڏو گڏ رسڪ ۽ نقصان برداشت ڪرڻو پوندو آهي. وياجي بينڪاري وانگر صرف نفعو ئي نفعو ۽ سيڙپڪارن جو تحفظ مقصد نہ آهي.
4. اسلامي بينڪاري جي جاري ڪرڻ ضرورت ۽ وياجي بينڪاري آهي مان نجات حاصل ڪرڻ جي بنياد تي آهي نہ ڪي سرمايہ ڪاري ۽ محض نفعي لاءِ.
5. اسلامي بينڪاري ۾ شرعي اصولن تي عمل ڪرڻ صرف هڪ دعويٰ ناهي، پر ان جي پويان مربوط نگرانيءَ جو هڪڙو نظام ڪم ڪري ٿو.

## اسان جي ذميواري:

اچو تہ گڏجي بئنڪ اسلامي سان گڏجي عهد ڪريون تہ :


آئون انسانيت ڪي وياج کان بچائي رهيو آهيان
BankIslami

DEEN CONNECT

BankIslami




دين ڪنيڪٽ, هڪ آن لائن پروگرام آهي جيڪو جيد علماء ڪرام جي نگرانيءَ ۾ مفت اسلامي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي.

## هن پروگرام ۾ شامل آهن:

- قرآني عربي زبان جون ڪلاسز
- قرآني سورتن جي مختصر تفسير، ترجمي ۽ تجويد جون ڪلاسز
- مختلف موضوعن تي ورڪشاپس, ڪلاسز ۽ ويبي نار

وڌيڪ تفصيل ۽ رجسٽريشن جي لاءِ اسان جي ويب سائٽ http://www.bankislami.com.pk/deen-connect وزٽ ڪريو.

340 PLUS BRANCHES OVER 123 CITIES

deen.connect@bankislami.com.pk

021-35839906-7 Ext #: 2900
0308-2990552

24/7 Phone Banking
(021) 111-ISLAMI (111-475264)

BankIslami

BankIslami Pakistan Limited

**Head Office:**

11th Floor, Executive Tower, Dolmen City,
Marine Drive, Block-4, Clifton, Karachi-Pakistan.
Tel: (92-21) 111-(BIP) 247-111 Fax: 3537873
Phone Bank: (92-21) 111-475-264 (ISLAMI)
www.bankislami.com.pk